accountabilitylab PAKISTAN

CIVIC ACTION TEAMS

# پاڪستان ڪورونا وائرس سِوڪ ايڪٹ مهم

۳۱ جنوری، ۲۰۲۲ - بُليٹن نمبر 2



ملڪ ۾ ڪرونا وائرس جي مسلسل پکڙجڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ احتساب ليب پاڪستان سِوا ايڪٽس مهم تحت ڪرونا وائرس بابت غلط خبرن، افواهن ۽ غلط معلومات کي روڪڻ لاءِ ضلعي حڪومتن ۽ ڪميونٽي ورڪرن (رضاڪارن جو هڪ نيٽ ورڪ) سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي. اوپن سوسائٽي فائونڊيشن اداري جي سهڪار سان، سِوا ايڪٽس مهم ڪورونا وائرس جي انگن اکرن تي حقيقتون ڳولڻ ۽ معلومات مهيا ڪري ٿي. اهي هفتيوار بليٽين ۽ سوشل ميڊيا جي ذريعي معلومات ۽ عوامي راءِ فراهم ڪن ٿا. شهرين ۾ ڪرونا وائرس کان بچاءُ بابت آگاهي پيدا ڪرڻ انهن خبرن کي مختلف پنجن ٻولين ۾ ترجمو ڪيو وڃي ٿو: انگريزي، اردو، پشتو (آڊيو)، پنجابي (آڊيو) ۽ سنڌي. اهي بليٽين آن لائن ۽ آف لائن عوام، سرڪاري کاتن، ترقياتي ادارن، سماجي ۽ انساني تنظيمن ادارن جي ڪارڪن سان سان ونڊيا ويندا آهن.

هن مهم ۾ ڪرونا وائرس جي متعلق حڪومتي فيصلن، ويڪسينيشن مهم، ڪميونٽي جا ردعمل ۽ تحفظات کي به شامل ڪيو ويو آهي. هن مهم جو مقصد سماج جي سڀ کان وڌيڪ ڪمزور طبقن ۾ شعور اجاگر ڪرڻ آهي، جن ۾ عورتون، نوجوان، نسلي ۽ مذهبي اقليتون، خواجه سرا ۽ معذور ماڻهو شامل آهن. مهم جي موجوده مرحلي ۾، احتساب ليب مقامي عورتن جي ڪميونٽي اڳواڻن کي پڻ شامل ڪيو آهي ۽ انهن جي تربيت ذريعي انهن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪري رهي آهي ۽ ڪرونا وائرس بابت غلط خبرن ۽ غلط معلومات جي ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ ڪورونا وائرس سان جڙيل اهڙن مسئلن بابت انهن حقيقتن کان آگاهه ڪرڻ آهي.

## اس ہفتے کے بلیٹن میں جانئے

- کورونا وائرس کے متعلق حقائق
- کورونا وائرس اپڈیٹس
- کورونا وائرس سے متعلق کچھ اہم خبریں

# کورونا وائرس

# کے متعلق حقائق

## کوډ-19 ويڪسين اوميڪرون جي خلاف ڪارائتو نه آهي

حقيقت

يا

افواه

اوميڪرون سڄي دنيا ۾ تيزي سان پکڙجي رهيو آهي ۽ تحقيق ڪندڙ اهو طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته ڇا ڪورونا وائرس جي موجوده ويڪسين ان خلاف ڪارائتو ثابت ٿيندو يا نه. ميڊرسِو پاران ڪيل هڪ مطالعو اهو نتيجو ڪڍيو ته جيتوڻيڪ ويڪسين جون ٻه ڊوزون بيماري جي سخت علامن کان تحفظ فراهم ڪن ٿيون، پر اهو اوميڪرون جي منتقلي کي روڪڻ لاءِ ڪافي ناهي. جنهن ڪري، بهتر مدافعت حاصل ڪرڻ لاءِ ويڪسين جي بوسٽر ڊوز لڳائڻ ضروري آهي. هن مطالعي مان اهو صاف ظاهر آهي ته ان جي خلاف سادي يا عام ويڪسينيشن ان جي خلاف غير موثر رهي آهي ۽ اوميڪرون قسم کي وڌيڪ خطرناڪ ٻڌائي ٿو. جڏهن ته ماڻهن ۾ افواهن موجب سائنسدان اوميڪرون لاءِ هڪ نئين منفرد ويڪسين تيار ڪري رهيا آهن، جيتوڻيڪ اهو تجويز ڪيو ويو آهي ته ويڪسين جي ٻن ڊوزن کان علاوه اوميڪرون کان بچاءَ لاءِ هڪ بوسٽر ڊوز به لڳائڻ ضروري آهي.

(ذريعو: ميڊرسِو، هيلٿ لائن)

## کورونا وائرس (کووڈ۔19 ) سے محفوظ رہنے کے لیے درجِ ذیل حفاظتی اقدامات کرنے چاہییں



اپنے چہرے، آنکھوں اور ناک کو غیر ضروری طور پر نہ چھوئیں کیونکہ اس سے وائرس منتقلی کا خدشہ بڑھتا ہے



کووڈ۔19 کی ویکسین لگوانے کے لیے خود کو جلد از جلد رجسٹرڈ کروائیں اور ویکسین لگوانے سے پہلے اور بعد کی ہدایات پر عمل کریں



گھر سے باہر دوسروں سے 3 فٹ کا جسمانی فاصلہ رکھیں



دو یا دو سے زیادہ تہوں والا دھونے اور سانس لینے کے قابل کپڑے کا ماسک استعمال کریں ، یہ اطراف سے کھلا ہوا نہیں ہونا چاہیے



گھر سے باہر غیر ضروری سماجی روابط اور رش والی جگھوں پر جانے سے گریز کریں



اگرآپ بیمار ہو جائیں تو گھر پر رہیں اور اپنے طبی ماہر سے رابطہ کریں



خود کو اور اپنے ارد گرد کے ماحول کو صاف ستھرا رکھیں

(ذریعہ۔ عالمی ادارہ صحت، ہاورڈ ہیلتھ پبلشنگ، سی ڈی سی)




## ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن ڪووڊ-19 جي علاج لاءِ ٻه پيون دوائون تجويز ڪري ڇڏيون

ڪووڊ-19 ڪان متاثر ماڻهن لاءِ خوشخبري اها آهي ته ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (ڊبليو ايڇ او) ڪورونا وائرس جي علاج لاءِ ٻه نيون دوائون تجويز ڪيون آهن، جنهن سان هن مريض جي علاج لاءِ دستياب دوائون ۾ اضافو ٿيندو. بهرحال، انهن دوائن جي صحيح تاثير جو اندازو انهن جي دستيابي ۽ ماڻهن جي خريد ڪرڻ جي قوت موجب لڳايو ويندو.
پهرين دوا جيڪا متعارف ڪئي وئي آهي بيري سيٽي نب، جيڪا ڪووڊ-19 جي سخت علامتن وارن مريضن لاءِ سفارش ڪئي وئي آهي. هتي هڪ ڳالهه ياد رکڻ دلچسپ هوندو ته بيري سيٽي نب وات ذريعي استمال ٿيندي جيڪي سنڌهن جي سور ۾ مبتلا مريضن کي دوا ڏني ويندي آهي. هڪ ٻي نئين دوا هڪ مونو ڪولونل اينٽي باڊي سوٽرووي ميب دوا آهي، جيڪي اسپتال وڃڻ جي گهٽ يا وچولي خطري جي علامات موجب ڪووڊ-19 جي مريضن لاءِ سفارش ڪئي وئي آهي.
ماهرن جي پينل جن مٿيون دوائون تيار ڪيون آهن انهن ڪووڊ-19 جي سخت علامتن ۾ مبتلا مريضن لاءِ ٻن ٻين دوائن تي به غور ڪيو ريڪسوليٽي نب ۽ ٽوفيسيٽي نب، پر انهن جي غير يقيني اثرن سبب انهن جي استعمال جي اجازت ڏني وئي آهي.

(ذريعو: ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن)

## ملڪ ۾ ڪووڊ-19 جي ڀيهر پکڙجڻ ڪانپوءِ اين سي او سي پاران ڪنيل قدم

: چنچر 15 جنوري 2022 تي نيشنل ڪمانڊ اينڊ آپريشن سينٽر (اين سي او سي) ڪووڊ-19 جي خلاف موجوده حفاظتي قدمن جو جائزو ورتو ۽ پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ پکڙجندڙ ڪووڊ 19 جي پنجين لهر کي نظر ۾ رکندي صحت ۽ تعليم جي وزيرن نئين احتياطي تدابيرن جي لاءِ انهن جي راءِ طلب ڪئي.
هوائي اڏن واري شعبي ۾، اين سي او سي 17 جنوري ڪان پروازن ۾ مسافرن کي کاڌو فراهم ڪرڻ تي مڪمل پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي، اين سي او سي ڊپارٽمينٽ آف ايوي ايشن (سي اي اي) کي چيو آهي ته هو جهاز جي اندر ماسڪ پائڻ ۽ سمورن ايئرپورٽس تي ڪووڊ-19 جي ايس او پيز جي عملدرآمد کي يقيني بڻائين، انهي سان گڏ 17 جنوري ڪان هر قسم جي پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ مسافرن کي کاڌي جي فراهمي تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي. اين سي او سي سمورن صوبن کي هدايت ڪئي آهي ته هو تعليم ۽ ٽرانسپورٽ جي شعبن سان گڏوگڏ شادي هالن ۽ ريسٽورنٽ تي ڪووڊ-19 جي ايس او پيز تي عملدرآمد کي يقيني بڻائين، اين سي او سي هدايت ڪئي آهي ته 10 سيڪڙو ڪان وڌيڪ شرح واري شهرن ۾ ريسٽورنٽ جي اندر کاڌو کائڻ ۽ شادين تي پابندي لڳائڻ جو به فيصلو ڪيو ويو آهي.
آخر ۾، فورم وبائي مرض واري چارٽ معلومات جي روشني ۾ تجويز ڪيل، بيماري جي پکڙجڻ ۽ ملڪ ۾ خاص طور تي شهري مرڪزن ۾ وڌندڙ بيماري جي امڪانن کي نظر ۾ رکندي اين پي آئيز تي عملدرآمد تي بحث ڪيو.

(ذريعو - دي نيوز)

هن هفتي اسان ”انٽيگري“ ۾ ڪم ڪندڙ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ماهر ياسر فاروقي کان ان جي ڪووڊ-*19* جي تجربي ۽ پاڪستان ۾ آئي ٽي شعبي سان واسطو رکندڙ ماڻهن تي ان جو اثر معلوم ڪرڻ لاءِ ان جو انٽرويو ڪيو.
ياسر فاروقي هن وقت پاڪستاني اسٽارٽ اپ ”انٽيگري“ ۾ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جو سربراه طور ڪم ڪري رهيا آهن، هو گذريل *14* سالن کان ان شعبي سان وابسته آهي ۽ هن جو سمورو تجربو سافٽ ويئر ڊولپمينٽ جي چوڌاري گهمي ٿو جتي هو سافٽ ويئر انجنيئر، پراجيڪٽ مئنيجر، انٽيگريشن هيڊ ۽ سافٽ ويئر آرڪيٽيڪٽ جي طور ڪم ڪيو آهي ۽ هن وقت انٽيگري ۾ انجنيئرنگ شعبي جا مکيه سربراه آهن ۽ انجنئيرنگ سان وابسته ڪم کي ڏسي رهيا آهن.

**توهان جي خيال ۾ ڪووڊ-19 پاڪستان ۾ آئي ٽي شعبي تي ڪهڙا اثر ٿيا آهن؟**

عالمي وبا ڪيترن ئي صنعتن (شعبن) کي متاثر ڪيو آهي. جنهن ۾ آئي ٽي شعبو پڻ جزوي طور متاثر ٿيو. مان جزوي طور ان لاءِ چوان ٿو چاڪاڻ ته هي شعبو ٻين شعبن جي برعڪس تمام گهڻو متاثر نه ٿيو آهي ۽ هن شعبي ماڻهن لاءِ مختلف موقعا پيدا ڪيا آهن جن جو ذڪر بعد ۾ ڪندس. عالمي وبا سڄي دنيا ۾ غير يقيني صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي. اسان ڄاڻون ٿا ته پاڪستان جي آئي ٽي انڊسٽري (مان هتي خاص طور تي سافٽ ويئر ڊولپمينٽ بابت ڳالهائيندس) عالمي مارڪيٽ تي تمام گهڻو اثرائتو آهي. پاڪستان جهڙن ملڪن کي آف شور ڊولپمينٽ پارٽنر طور استعمال ڪيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته انهن ملڪن ۾ قيمتون تمام گهٽ آهن. سافٽ ويئر ڊولپمينٽ مارڪيٽ جا مختلف قسم آهن، مثال طور ريئل اسٽيٽ شعبي يا ريسٽورنٽ جو سافٽ ويئر جنهن کي پاڪستاني تيار ڪري رهيا هئا، اهي شعبا عالمي وبا جي ڪري سخت متاثر ٿيا ۽ مالڪن کي وڏيڪ سافٽ ويئر تيار ڪرڻ جو ڪم روڪڻو پيو ۽ ان جو يقينن پاڪستانين تي خراب اثر پيو جيڪو پاڪستان مان بين الاقوامي گراهڪن لاءِ ڪم ڪري رهيو هو. اهڙي طرح پاڪستان ۾ بين الاقوامي فنڊ ڳولڻ واري اسٽارٽ اپس جو ڪم بُري طرح متاثر ٿيو ڇو ته ڪووڊ-19 دوران ماڻهن وڏيڪ سيڙپڪاري ڪرڻ بند ڪري ڇڏي.

**ڪم ڪرڻ جا نوان طريقا اختيار ڪرڻ ۾ اوهان کي ڪهڙن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ اوهان انهن کي ڪيئن حل ڪيو؟**

مان هڪ اسٽارٽ اپ لاءِ ڪم ڪريان ٿو جيڪو 2017 ۾ شروع ٿيو هو ۽ اسان شروع کان وٺي ڏورانهن علائقن ۾ هڪ ٽيم جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيا آهيون ان ڪري اسان کي گهر کان ڪم ڪرڻ يا آفيس نه وڃڻ ۾ ڪو مسئلو نه ٿيو. جڏهن ته، اهڙا ڪيترائي ماڻهو آهن جن کي گهر کان ڪم ڪرڻ ڏکيو لڳندو آهي ڇو ته اها هڪ بلڪل مختلف صورتحال آهي ۽ ڪمپنيون پڻ اهو محسوس ڪري رهيا آهن ته انهن جي ملازمن کي ڪم کان پري رکڻ ڏکيو آهي. هڪڙي ڪمپني لاءِ متبادل انتظام ڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو آهي.

**عالمي وبا دوران ٻين شعبن ۾ ڪم ڪندڙ پنهنجن ساٿين ۽ مائٽن سان مختلف شعبن ۾ ڪم ڪرڻ جو ڪهڙو تجربو آهي؟**

منهنجي نظر ۾ آئي ٽي شعبو عالمي وبا دوران ٻين شعبن کان بهتر رهيو آهي ڇاڪاڻ ته آئي ٽي (خاص ڪري سافٽ ويئر ڊولپمينٽ جو ڪم) لاءِ توهان کي صرف بجلي، انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر مشين جي ضرورت هوندي آهي ۽ اوهان کي ٻين شعبن جن ۾ انساني لاڳاپا ضروري آهن، جهڙوڪ سيلز، مارڪيٽنگ، ايونٽ مئنيجمينٽ وغيره، جي نسبت آسانيءَ سان پري کان ڪم ڪري سگهن ٿا، تنهنڪري منهنجو ذاتي خيال آهي ته آءِ ٽي جي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ عالمي وبا جو تجربو ٻين شعبن کان بهتر رهيو آهي.

**عالمي وبا آئي ٽي شعبي ۾ ڪهڙا موقعا ڪٽي آئي؟**

عالمي وبا جي دوران هڪ موقعو جيڪو آئي ٽي سان لاڳاپيل ماڻهن اهو مليو ته هو پري کان ڪم ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. جڏهن توهان آفيس کان پري ڪم ڪندا آهيو ته توهان کي ڪو مسئلو ناهي ته توهان مقامي ڪمپني لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيو يا ڪنهن بين الاقوامي اداري لاءِ، مون ڏٺو آهي ته بين الاقوامي اداري آفيسن کان پري ڪم ڪرڻ مان ان موقعي جو فائدو ورتو ۽ پري پري جي ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون. مان ذاتي طور تي سمجهان ٿو ته عالمي وبا دوران ماڻهن نوڪريون تبديل ڪيون ۽ بهتر نوڪريون/ موقعا حاصل ڪيا.

**هن شعبي جي نمائندگي جي حيثيت سان، توهان هن شعبي کي عالمي وبا کان اڳ ۽ پوءِ ڪيئن ٿا ڏسو؟**

منهنجو خيال آهي ته هن سوال جو خلاصو مٿين ڳالهين مان ڪڍي سگهجي ٿو. عالمي وبا سافٽ ويئر ڊولپمينٽ ۾ شامل ماڻهن لاءِ وڏيڪ موقعا فراهم ڪيا آهن، ماڻهن کي بهتر موقعن بابت سوچڻ ۽ مفاصلي تي ويهڻ ۽ گهٽ وسيلن سان ڪم ڪرڻ سيکاريو آهي.

# مان پنهنجي ٽيسٽ ڪاٿان ڪرائي سگهان ٿي/ سگهان ٿو؟

| | |
|---|---|
| اسلام آباد | صحت جا قومي ادارا<br>پارڪ روڊ ، چڪر شهزاد ، اسلام آباد |
| ڪراچي | آغا خان يونيورسٽي اسپتال ،<br>اسٽيڊيم روڊ ، ڪراچي ، سنڌ |
| حيدرآباد | لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز (لمس) ،<br>لبرٽي مارڪيٽ سرڪل ، ويجهو لياقت يونيورسٽي اسپتال ، حيدرآباد ، سنڌ |
| خيرپور | گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ،<br>گمبٽ ، خيرپور ، سنڌ |
| پشاور | حيات آباد ميڊيڪل ڪمپليڪس ،<br>4 فيز 4 حيات آباد ، پشاور ، ڪي پي ڪي |
| مردان | چغتائي ليب<br>ويجهو الغيرز بينڪ ، مردان پوائنٽ ، شمسي روڊ ، مردان ، ڪي پي |
| هري پور | ايسلز ليبز ،<br>ٽي ايم اي پلازا دڪان نمبر 6 ، نزد گرلز ڊگري ڪاليج سرڪلر روڊ هريپور ، ڪي پي ڪي |
| لاهور | شوڪت خانم ميموريل اسپتال ،<br>7 اي بلاڪ آر. 3 ايم اي جوهر ٽائون ، لاهور ، پنجاب |
| ملتان | نشتر اسپتال ،<br>نشتر روڊ ، جسٽس حامد ڪالوني ، ملتان ، پنجاب |
| راولپنڊي | آرمي فورسز انسٽيٽيوٽ آف پيٿولوجي<br>رينج روڊ ، سي ايم ايچ ڪمپليڪس ، راولپنڊي , پنجاب |
| ڪوئٽه | فاطمه جناح اسپتال<br>بهادر آباد ، وحدت ڪالوني ، ڪوئٽه |
| مظفر آباد | عباس انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (اي ايم ايس)<br>امبور ، مظفر آباد ، آزاد ڪشمير |
| گِلگِت | ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال<br>اسپتال روڊ ، گلگت ، جي بي |

وڌيڪ شهرن جي ڳولا ڪريوCOVID-19 صحت جو صلاحڪار پليٽ فارم
COVID-19 Health Advisory Platform

accountabilitylab PAKISTAN

CIVIC ACTION TEAMS